مِلي ڪَيو مُقابلو

منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

M. Bed

ملي ڪبو مقابلو

(شڪاري-جيون تي آڌارت هڪ پال-اُپنياس)

★

منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

★

وينا پبليڪيشن

۷۰۱، راجيو اپارٽمينٽ،

گول ميدان، الهاسنگر - ۴۲۱۰۰۱

فون : ۷۰۱۰۳

مهاڳ

ٻال-ساهت جي پنهنجي اهميت آهي. جيڪڏهن ٻار آئينده جا اَبا آهن ته پوءِ هنن جون جسماني، دماغي ۽ روحاني قوتون وڌائڻ موجوده وڏن جو فرض ناهي؟ ٻار جي دل ڪوري سليٽ مثل آهي. ان تي جهڙا چٽ چٽبا ويندا، اهڙا ئي سڀاءُ ۽ وهنوار جا روپ گهڙجندا ويندا. پنهنجي ديش ۽ قوم جو پوشه روشن ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته ننڍن ٻارڙهيءَ ۾ اهڙا سنسڪار وڌا وڃن، جو هو اڳتي هلي ديش جا سٺا ناگرڪ بڻجن. ٻارن جي جسماني، دماغي ۽ روحاني واڌاري لاءِ هننکي لفظي آڳاهش ڏيڻ کان بهتر آهي ته هنن لاءِ، اهڙا وسيلا مهيا ڪجن، جيئن ٻار انهن مان سٺا ۽ نيڪ سنسڪار پاڻ جهٽين. اهڙن وسيلن مان ساهت به هڪ اهم وسيلو آهي. انسان ذات جي سڀيتا جو واڌارو ساهت دواران ئي ٿئي ٿو. ٻارن اڳيان سٺو ۽ صحتمند ساهت رکڻ سان، هو اُن مان املهه گڻ جهٽي پنهنجي آئينده سان ڳنڍوڳنڍ، ديش ۽ قوم جو آئينده به ٺاهيندا. ڪچڙي عمر ۾ سٺن ڪتابن جو اثر دائمي ٿيو پوي. ٻارن جي وڪاس لاءِ جيئن گهر ۽ اسڪول اهم رول ادا ڪن ٿا، تيئن ٻارن کي ڳاهڻ لاءِ ساهت به هڪ اهميت ڀريو پارٽ ادا ڪري ٿو. ٻارن کي سٺو ساهت مهيا ڪري ڏيڻ اسان جو اخلاقي فرض آهي. سنڌيءَ ۾ ڏينهون ڏينهن ٻالڪ گهٽبا پيا وڃن. نوان ٻالڪ پيدا ڪرڻ لاءِ به ٻال-ساهت جو سرجڻ اهميت ٿو رکي.

اڄ جو ٻالڪ اڳين ٻارڙهيءَ جي ڀيٽ کان وڌيڪ چست ۽ تيز فهم آهي. هو وڏن لاءِ لکيل ڪتاب به پڙهي ٿو. انڪري اڄ ٻال ساهت کي صرف راجا راڻين، ديون، ڏائڻين، جنن پرين، جانورن پکين جي وندرائيندڙ ۽ نصيحت آميز آکاڻين تائين محدود رکڻ مناسب ناهي.

ويڻا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر - ٣١

ڪتاب : ملي ڪبو مقابلو
ليکڪ : منوھر بيدي-جگديش لڇاڻي
سال : ١٩٩٠
تعداد : ٥٠٠
قيمت : رو پيا ارڙھان
پبلشر : راجيش لڇاڻي
ويڻا پبليڪيشن،
٧٠١، راجيو اپارٽمينٽ
گول مئدان،
الھاسنگر - ٤٢١٠٠١
پرنٽر : ”ديپ“ پرنٽرس، ٦، آمان ساگر
اپارٽمينٽ، بابا ڍولورام دربار
جي سامهون، الھاسنگر-٤٢١٠٠١

Title ; Milee Kabo Muqabilo
Authors; Manohar Bedee & Jagdish Lachhani
Year : 1990
Copies: 500
Price : Rs, 18/- Only
Publisher: Rajesh Lachhani
Veena Publication, Flat 701,
Rajiv Apart. Gol Maidan,
Ulhasnagar-421001
Tel. 70103
Printer : DEEP Printers, 6, Amma Sagar
Apt. Opp BabaDholuram
Darbar, Ulhasnagar-421001

١ / غم ۽ غصي جو طوفان

ڪئپٽن ڪئلاش شرما هڪ رٽائرڊ ملٽري آفيسر آهي. پنهنجي ڪٽنب سميت هڪ ننڍڙي پر شاندار بنگلي ۾ رهندو آهي. بنگلي جي چؤگرد هڪ اونچي ۽ پڪي چار ديوار جنهن جي مٿان شيشا لڳل. اندر داخل ٿيڻ لاءِ فقط هڪ وڏو لوهي ڦاٽڪ جنهن جي هڪ طاق ۾ لڳل ننڍڙو در. بنگلي جي چوگرد ڇڏيل ڪافي زمين جنهن تي ڪيترائي ميون جا وڻ پوکيل. مکيه ڦاٽڪ کان وٺي بنگلي جي پورٽيڪو تائين اڌ گول ۾ ٺهيل سيمينٽ جو پڪو رستو جنهن تان ڪار آرام سان هلي ٿي سگهي. مکيه ڦاٽڪ ۽ پورٽيڪو جي وچ ۾ ٺهيل فوهارو جيڪو بنگلي جي رونق ۽ شان کي چار چنڊ لڳائي رهيو آهي.

ڪئپٽن شرما جي ڪٽنب ۾ ڪل پنج ڀاتي آهن. پاڻ شرما، سندس پتني سروج، پٽ مڪيش، مڪيش جي پتني انجنا ۽ سندس تيرهن چوڏهن سالن جو پٽ وڪاس. وڪاس اٺون درجو پڙهندو آهي. جيتوڻيڪ شرما جي هلت چلت ۽ وهنوار ظاهر ڪندو آهي ته هو انگريزي سڀيتا کان گهڻو متاثر ٿيل آهي پر ته به هن وڪاس کي سنڌي ماڌيم سان ئي سکيا ڏيارڻ پسند ڪيو آهي. سکيا جي حوالي ۾

شڪاري جيون ۾ لکيل هيءَ سنڌيءَ ۾ پهريون ٻال-
اُپنياس آهي. اسان جي مدي کان وٺي اها ڪوشش پئي رهي
آهي ته ٻارن اڳيان گوناگون ساهت پيش ڪجي. اڄ جا ٻار
آئينده جا آسرا آهن، اهي ٻين ملڪن جي ٻارن کان ڪنهن به
طرح پٺتي نه آهن. انهن ۾ ڪجهه عمر ۾ ننڍا، وڏا، اُتساهه،
بهادريءَ جي ڀاونا ۽ انياءَ خلاف وڙهڻ جا ويچار وجهڻ سان
اهي آئينده ۾ ڏاڍا ڪارائتا ثابت ٿين، اها ئي اسانجي مراد
آهي.

هن کان اڳ اسان سنڌي جڳت کي ويڊيو - اسڪرپٽس
ڪڍي ڏنا آهن. ٻال ساهت جي سلسلي ۾ هيءَ اسان جي
پهرين گڏيل ڪوشش آهي. جيڪڏهن دوستن ۽ ٻالڪن کي
اسان جي هيءَ ڪوشش وڻي، ته اڳتي هلي اسان اهڙي قسم
جون ٻيون ڪوششون به (Literature full of Adventures)
ٻالڪن اڳيان پيش ڪنداسين.

جگديش سوبراج لڇاڻي

ڪئپٽن شرما: ”پر ان غنڊي توهان جي ڪلاس ٽيچر تي حملو ڇو ڪيو؟“

وڪاس: ”ان وقت ته وڏي واڪي چئي رهيو هو ته مسٽر چگهه سندس پٽ کي ٽيوشن وٺڻ لاءِ ڏاڍو تنگ ڪري رهيو آهي. پر پوءِ قبول ڪيائين ته هن جي ڪائي پٽ آهي ئي ڪونه.“

ڪئپٽن شرما: ”پوءِ پيو ڪهڙو سبب ڏنائين؟“

وڪاس: ”بس دادا، ٽال مٽول ڪرڻ لڳو ته مان نشي ۾ هوس. منهنجي ڏرم جي پٽ مون کي پڙڪايو ۽ الاجي ڇا ڇا چئي رهيو هو.“

ڪئپٽن شرما. ”توهان جي هيڊ ماسٽر ڪوئي قدم کنيو؟“

وڪاس. ”دادا، اسان جي اسڪول جي هيڊ ماسٽر جو اهنسا ۽ اپراڌين کي ڪميا ڪرڻ ۾ پورو پورو وشواس آهي.“

ڪئپٽن شرما. ”توهان جي هيڊ ماسٽر ان غنڊي کي نصيحت جو پيالو پياري عزت سان ڇڏي ڏنو. ڪيئن؟“

وڪاس. ”Exactly Grandpa“

ان تي ڪئپٽن شرما هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو.

وڪاس. ”پوءِ پتو پيو ته اهو غنڊو ڪنهن وڏي دادا جو پيادو آهي، ان ڪري هر حالت ۾ ديا، ڪميا ۽ پيار جو پاتر آهي.“

ڪئپٽن شرما پوٽي جي پٺي ٺپري چيو. ”ماءِ

ڪئپٽن شرما تي بابو رويندر ناٿ ٺاڪر جو گهرو اثر ويٺل آهي. سڪيا ته ماتر ڀاشا ۾. ٻيءَ حالت ۾ سڪيا آڌوري آهي ۽ ٻار جو ڪنهن به حالت ۾ چؤمکي وڪاس ٿيڻو ناهي. جڏهن جڏهن سڪيا جي ماڌيم جي ڳالهه نڪرندي آهي ته ڪئپٽن شرما ستيجيت ري جو به مثال ڏيندو آهي جنهن اڪثر سڀ فلمون بنگالي ڀاشا ۾ ناهيون ۽ وڏ ۾ وڏ انٽرراشٽريه انعام حاصل ڪيا.

تنهن ڏينهن هڪ عجيب ڳالهه ٿي. ٻنر جي ٽيبل تي وڪاس اسڪول ۾ ٿيل جنهن گهٽنا جو ذڪر ڪيو ان ڪئپٽن شرما جي دل ۾ غم ۽ غصي جا واچوڙا پيدا ڪري ڇڏيا.

وڪاس: "دادا، ستين پيرڊ ۾ اها ڳالهه ٿي. ڪجهه گوڙ شور جو آواز ٻڌي مون جيئن ئي دريءَ کان ٻاهر نهاريو ته ڇا ٿو ڏسان ته هڪڙو غنڊي قسم جو ماڻهو اسان جي ڪلاس ٽيچر شري چگهه کي ڳلي کان پڪڙي بيٺو آهي ۽ ڏونشا هڻڻ لاءِ بلڪل تيار آهي. مان هڪدم "سر" جي رڙ ڪندي اٿيس ۽ وڏي وڪي ڇيم: اڇو سڀ ٻاهر، سر کي ڪوئي ماري رهيو آهي." ان وقت اتهاس جو پيرڊ هو. منهنجي واڪي تي شري ڪتري به ٻاهر نهاريو ۽ هٿ سان اشارو ڪيو. اسان سڀ ڊوڪندا ٻاهر نڪتاسين ۽ غنڊي جي خوب مرمت ڪئيسين.

هنن جي دل ۾ نہ ديا آهي ۽ نہ اِنسانيت جي ڀاونا. هو جهنگلي جانور آهن.“

ڪئپٽن شرما۔ ”سچ آهي. پر ان ڪري بزدل ٿي ڪري اتياچار سهندو رهڻ ۽ مارون کائيندو رهڻ تمام برو آهي، تمام برو. سڀني ماڻهن جو اِهو ڊپ ئي برن ماڻهن جو حوصلو وڌائي ٿو. هو سمجهن ٿا تہ ڪوئي پلٽو ڪائي اسان تي وار نہ ڪندو، ان ڪري من ماني ڪندا ٿا رهن.“

وڪاس ڏاڍي ڏانهن نهاريندو رهيو.

ڪئپٽن شرما۔ ”جانور کي جانور ئي ڪري مار ۽ جانور وانگر مار. اهو سوچي مار تہ جي تو نہ ماريو تہ تون پاڻ ماريو ويندين. چڱو وڪاس، مون کي هڪ سوال جو جواب ڏي. برا ماڻهون اڪيلو حملو ڪندا آهن يا گڏجي؟“

وڪاس۔ ”دادا، اڪيلي تي گڏجي حملو ڪندا آهن.“

ڪئپٽن شرما۔ ”ان حالت ۾ هنن کي مارڻ ۽ ڏڪائڻ تمام سولو آهي.“

وڪاس سوالي نظرن سان ڏاڍي ڏانهن نهارڻ لڳو.

ڪئپٽن شرما۔ ”وڪاس توکي تہ ڄاڻ آهي تہ مان فقط فوجي ئي نہ آهيان پر هڪڙو ڪامياب شڪاري بہ آهيان. منهنجن ماريل جانورن جا سر ديوارن تي ٽنگيل ڏٺا اٿئي.

گرئبڊ سن! يوئر آءِ. ڪيو (ا. Q) مست بي ايڪسٽرا آربينري. تون هڪ تمام ذهين اِنسان ٿيندي."

اِن تي وڪاس ڏاڏي جا شڪرانا ادا ڪيا ۽ پوءِ سڀ روٽي کائڻ کي لڳي ويا.

پر ڪئپٽن شرما جي دل ۽ دماغ ۾ آگ لڳي چڪي هئي هن ديش جو ڇا ٿيندو؟ اهنسا سان حاصل ڪيل آزاديءَ جا ڦل ڇا غونڊن ۽ مجرمن کي ملڻ لاءِ هوندا آهن؟ ڇو ڪين ملڪ جي اندر به فوجي قسم جو انتظام پيدا ڪيو ٿو وڃي؟ ڪهڙو نقص رهجي ويو هو اسان جي رهبرن ۽ مدبرن ۾ جو آزاديءَ کان پوءِ صلح پسند جنتا کي اکيون جهڪائي ٿو هلڻو پوي ۽ گهنگهار اکيون ڦوٽاري ٿا هلن؟ جنهن کي وڻي ٿو تنهن کي اکيون ٿا ڏيکارين، ڏڪائن ۽ هيسائن! نه قانون، نه قاعدو، نه سزا ۽ نه بپ! ڇا هي سڀ نگر ۽ مهانگر فقط نالي جا آهن؟ هلي ته انهن ۾ جهنگل جو قانون ٿو!

ڪئپٽن شرما- "وڪاس، تو سٺو ڪيو. هلي ڪري اِنسان ڪهڙي به مصيبت جو مقابلو ڪري ٿو سگهي. پاڻ ۾ همت ڌاريو. جيڪڏهن برا ماڻهو هلي ڪري سٺن ماڻهن تي ظلم ٿا ڪن ته ڇا سٺا ماڻهو هلي ڪري برائيءَ جو مقابلو به نه ٿا ڪري سگهن؟"

وڪاس- "دادا، اهو سڀ ته ٺيڪ آهي. پر برا ماڻهو بدلو ٿا وٺن. ڪنهن کي به اڪيلو ڏسي حملو ٿا ڪن.

حملا ڪيا ٿا وڃن، گهرن ۾ گهسي ماڻهن کي ماريو ٿو وڃي، عورتن جي عزت لٽي ٿي وڃي، قران ڪٽي ٿي وڃي، وهندڙ رستي تان عورتن جي ڳلي مان سونا هار ڇڪي لاٿا ٿا وڃن. سڌ پاونا جي يگه جي شايد اهائي نشاني ٿيندي آهي!

"پٽ، ڪوئي به يگه شانتيءَ جو يگه نه هوندو آهي. اڌ صدي اڳ سنڌ ۾ شانتي ئي شانتي هوندي هئي؟ هر مسلمان ڪلهي تي ڪهاڙي کڻي هلندو هو. وڏيرا حرن ۽ ڌاڙيلن کي پاليندا هئا. هر هندوءَ جي گهر ۾ گهٽ ۾ ڪجهه لوڙهون ته هونديون ئي هيون. لنبي چوڙي لٺ کڻي هلڻ جو رواج ته سڄي هندستان جي ڳوٺن ۾ اڳي به هو ۽ اڄ به آهي."

وڪاس. "لوڙه ڇا ٿيندي آهي، دادا؟"

ڪئپٽن شرما. "لٺ جي اڌ تائين لوهه جون شيخون لڳل هجن ته ان کي لوڙه چئبو آهي. لوڙه جو هڪ ئي ڌڪ دشمن جو متو ڦاڙڻ لاءِ ڪافي هوندو آهي. ڪيترا لٺباز ته پنهنجيءَ لٺ کي روز پاءُ اڌ تيل به پياريندا آهن جيئن لٺ مضبوط رهي ۽ جلد ٽٽي نه پوي."

وڪاس. "اوه."

ڪئپٽن شرما. "پٽ، تو ته ڪتابن ۽ اخبارن ۾ پڙهيو ٿي هوندو ته اسانجي ڀارت ديش ۾ وارمنسٽري

”جهڙيءَ طرح جهنگلي جانور جيڪي جهنگ ۾ رهندا آهن اُهي ڏور وئي ڪڙڪو ٻڌڻ تي ونئي ڀڄندا آهن. جيڪڏهن حملو به ڪندا آهن ته هڪ ٻئي جي ڀروسي تي. هڪ ٻه جانور مئو ته ٻيا ونئي ڀڄندا. انسانن جي عادت به اهڙي ئي آهي. پلي ڏهه پندرهن ڄڻا حملو ڪن پر جي هڪ ٻن کي موتمار ڌڪ لڳا ته ٻيا ونئي ڀڄندا. اپراڌيءَ جي دل ئي ڪيتري؟ موت جو ڊپ وڏن وڏن سوروير ن جو پتو پاڻي ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن ڪي اپراڌي جهنگ ڦاهي حملو ڪن ته سمجهي وڃڻ گهرجي ته موت کان بيحد ڏڪن ٿا ۽ پنهنجي اکين جي سامهون ئي هڪ ٻن ساٿين جي بري حالت ڏسندا ته ونئي جان بچائي ڀڄندا.

ها، باقي اڪيلو مجرم حد کان وڌيڪ خطرناڪ ٿيندو آهي. ٺيڪ ان حساب سان ڏسجي ته اڪيلو عام ماڻهو به خطرناڪ ٿي ٿو سگهي بشرطيڪ هن کي بچاوَ ۽ حملي جي سکيا مليل هجي.“

وڪاس. ”دادا، اڄ جو يگ ته شانتيءَ جو يگ آهي. چوطرف اسان کي اهنسا، پريم، شانتي، سد ڀاونا جا سر ٻڌڻ ۾ ٿا اچن.“ ڪئپٽن شرما وڏو ٽهڪ ڏنو.

ڪئپٽن شرما. ”ڏينهن ڏني جو پريءَ بازار ۾ خون ٿي ٿا وڃن، هلندڙ ٽرين مان ماڻهن کي هيٺ ڦٽو ٿو ڪيو وڃي، دڪاندارن تي چرن ۽ تلوارن سان



(War Ministry) ڪو نه آهي پر ڊفينس منسٽري (Defence Ministry) آهي. ان جو سڌو مطلب اهو ٿيو ته اسان جنگ ۾ وشواس ڪو نه ٿا ڪيون، اسان ڪنهن ملڪ تي چڙهائي ڪرڻ يا پنهنجون حدون وڌائڻ جي چاهنا ڪو نه ٿا رکون. پر پنهنجي ملڪ جو بچاءُ ڪرڻ ته هر ناگرڪ جو ڌرم آهي، پهريون فرض آهي. نيڪ ان طرح پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي جان مال جو بچاءُ ڪرڻ هر ناگرڪ جو حق به آهي ته فرض به آهي."

وڪاس. "دادا، حق به ۽ فرض به؟"

ڪئپٽن شرما. "هائو، حق سرڪار طرفان مليل ۽ فرض پنهنجو. ان ڪري مون چيو ته بچاءُ حق به آهي ۽ فرض به آهي."

وڪاس. "دادا، اهو سڀ ته تمام سٺو ٿو لڳي. پر ملڪ ۾ ٿئي ڇا ٿو؟ جيڪو ڏاڍو سو ڳاٻو لڳو پيو آهي."

ڪئپٽن شرما. "اهو ئي ته ڏک آهي. اڳي چوندا ها ڏاڍي جي لٺ ڪي به مٿا. اڄ ته ڏاڍي لٺ ڪي به سؤ مٿا ٿا ڏسڻ ۾ اچن. ان لاءِ، پٽ، مان چوندو آهيان ته اڄ جي جهنگلي يگ ۾ عزت سان چار ڏينهن گذارڻ لاءِ مارشل آرٽس سکڻ تمام ضروري ٿي پيو آهي."

وڪاس. "مارشل آرٽس يعني يڌ ڪلائون؟"

ڪئپٽن شرما. "تون اڄ جي ٻوليءَ ۾ انهن کي

بچاءَ ۔ ڪلائون جئين سگهين ٿو. جدو، ڪراٽي وغيره انهن ۾ شامل آهن. پر ڪن هٿيارن هلائڻ جي سکيا کان سواءِ اهي ڪلائون به اڌوريون ئي آهن. انڪري تلوار بازي، لٺبازي، بندوق چاهي پستول هلائڻ جي به ڪجهه سکيا ضرور وٺڻ گهرجي. پر اهي سڀ ڪلائون ۽ هنر بيڪار آهن جي بدن ۾ چستي ۽ ڦرتي ناهي. ان ڪري فزيڪل فٽنيس تمام ضروري آهي. بدن چيتي يا ٻليءَ وانگر هجي يعني هڪ دڪو به چربي چڙهيل نه هجي. يوگا جا هلڪا آسڻ ڪرڻ ان لاءِ تمام ضروري آهن.“

وڪاس. ”دادا، جيڪڏهن اهي سڀ ڪلائون، هنر ۽ يوگا آسڻ سکبا ۽ ڪبا ته پوءِ باقي ڪم ڌنڌا ڪرڻ لاءِ وقت ئي ڪٿي بچندو؟ توهان پاڻ ڏسو پيا ٿا ته اڄ جي حياتي ڪيتري نه ڀڄ ڀڄان واري آهي، تناؤن سان ڀريل آهي.“

ڪئپٽن شرما. ”ان لاءِ مون وٽ هڪ ئي جواب آهي ته - جتي چاهه اتي راهه . زندگيءَ کي هرو ڀرو ايترو تنگ نه سمجهه . ڪم شروع ڪر . ڪجهه وقت کان پوءِ ڏسندين ته وقت پاڻ ئي پيدا ٿي ٿو وڃي.“

وڪاس - ”منهنجا ڪجهه ساٿي به ڪجهه ڪرڻ ٿا چاهين. پر ڪجهه به شروع ڪريون ڪيئن؟“

ڪئپٽن شرما. اِها سٺي ڳالهه آهي ته اڄ جي ٻالڪن يعني سڀان جي نوجوانن ۾ ظلم ۽ ستم سان

"My brave boys! I am always with you, always ready to help."

"Thank you grandpa thank you." وڪاس.

* * *

٢ / واگهہ جو شڪار

ڪئپٽن شرما انٽروڊڪٽري ميٽنگ آرتوار جي ڏينهن شام جو پنجين بجي رکي. پهريون هن جو خيال هو تہ ميٽنگ هنٽنگ هال ۾ ڪئي وڃي جنهن جي ديوارن تي اڪيچار جهنگلي جانورن جا سر ٽنگيل ها، فرش تي جانورن جون کلون وڇايل هيون ۽ آس پاس جدا جدا بورس جون بندوقون رکيل هيون. پر پوءِ الائي ڇا سوچي ڪئپٽن شرما پنهنجو خيال بدلايو ۽ انٽروڊڪٽري ميٽنگ بنگلي جي پٺيان واري باغ ۾ رکي. نرم نرم ڇٻر تي پاڻ شرما هڪ طرف کان ٿي ويٺو ۽ سندس سامهون اڌ گول ٺاهي وڪاس ۽ هن جا ساٿي ويهجي ويا.

سڀ کان اول ڪئپٽن شرما وڪاس جي ساٿين تي سرسري نظر وڌي ۽ هنن جي اندر سمايل همت ۽ حوصلي جي گهرائي جو تخمينو لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي. شرما کي محسوس ٿيو تہ هنن ٻالڪن کي ٺيڪ ترتيب ڏجي تہ نوجوان ٿيندي ٿيندي هو آهني (لوهي) جسم ۽ فولادي ارادي وارا بڻجي ويندا.

مقابلو ڪرڻ جي اڃا پيدا ٿي آهي. اها اڃا هن ۾ آئي. پڻ پيدا ڪندي ۽ آئي پڻ جهڙو ٻيو ڪو ٿي پڻ آهي ٿي ڪو نه.

”پٽ، تو پڇيو ته ڪوئي به ڪم شروع ڪيئن ڪريون مان تو توهان جي مدد ڪريان. تون پنهنجن سائين کي مون وٽ وٺي اچ مان پاڻ توهان سڀني کي مارشل آرٽس ۽ بچاءُ جا هنر سيکاريندس. مان توهان ٻالڪن کي هن جهنگلي سيپتا جي وچ ۾ شير ۽ چيتو ٿي ڪري بيدپائي سان گهمڻ ۽ زنده رهڻ سيکاريندس.“

ڏاڏي جي انهن لفظن وڪاس کي ايترو ته اتساهه ۾ آندو ۽ خوش ڪيو جو هو زور زور سان تاڙيون وڄائڻ لڳو.

ڪئپٽن شرما. ”پر هڪ ڳالهه هميشه ياد رکجو ته اهي ڪلائون، هنر ۽ طريقا ظلم جو مقابلو ڪرڻ لاءِ آهن، خود ظالم ٿي ظلم ڪرڻ لاءِ هرگز هرگز ڪو نه آهن.“

وڪاس. “That I know my dear great grandpa.”

ڪئپٽن شرما. “Then it is okay with me”

”ته پوءِ وڪاس، تون پنهنجي سائين سان ڳالهه ڪر ۽ اسان جي پهرين انٽروڊڪٽري ميٽنگ جي تاريخ ۽ وقت مقرر ڪر.

ڪئپٽن شرما ويٺي ٿي ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”اي پوليس جا بهادرو! ظلم سان مقابلو ڪرڻ جي توهان ۾ اِڇا آهي ته مون وٽ هنر آهي، ڪلا آهي. توهان جي اِڇا ۽ منهنجي هنر جي سنگم مان، پرماتما چاهيو ته هڪ اهڙي شڪتي پيدا ٿيندي جنهن تي اڄ هندستان فخر ڪندو ته اڄ هندستان جنهن جي پيروي ڪندو.

”هڪ غير معمولي گهٽنا جيڪا توهان جي اسڪول ۾ ٿي، ان توهان کي ڪجهه سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو. اهو ڏيکاري ٿو ته ڀارت جو پوليس اوترو اونداهو ناهي جيترو اسان مان ڪي سمجهي رهيا آهن. مون کي قدرت جي طاقت ۾ ۽ توهان جي لوهي ارادن ۾ پورو پورو ڀروسو آهي.

”اڄ جيڪو ڪجهه ٻئي سان ٿيو آهي اهو سڀاڻي توهان سان به ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ پاڻ کي هر وقت هر قسم جي حالت جو ۽ هر قسم جي بدتميزيءَ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار رکو.

هڪ غنڊو، هڪ مجرم، هڪ ظالم نردئي توهان تي حملو ڪري ان کان اڳ توهان هن تي حملو ڪري ڇڏيو ۽ هن کي پاڻ سنڀالڻ جو موقعو ئي نه ڏيو. پهريون ڌڪ به توهان جو ئي هجي ۽ آخرين ڌڪ به توهان جو ئي هجي. گندين ۽ نيچ شڪتين کان بچاءُ جو بهترين طريقو آهي حملو، آڪرمڻ!

جسماني طاقت کي جي گهٽ سمجهندؤ، ان کي اهميت نہ ڏيندؤ ۽ دشمن تي حملو ڪرڻ يا ناس ڪرڻ کي پاپ ۾ شمار ڪندؤ تہ پوءِ پڪ ڄاڻو تہ توهان جي آسودگي، توهان جي خوشي ۽ توهان جي دماغي طاقت توهان جي ئي خون سان گڏ گندي پاڻيءَ جي ناليءَ مان وهندي ڪنهن گٽر ۾ وڃي گم ٿي ويندي.

”وير ٻالڪو، جهنگل جا قانون ياد رکو ۽ انهن تي عمل ڪرڻ کان نہ ٻچو تہ جيئن انسان جي ناهيل ”نگر“ نالي وارن جهنگلن ۾ توهان واگهہ وانگر بيٻ پائيءَ سان رهي سگهو.“

واگهہ جي نالي ٻارن ۾ ڪجهہ مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو. انهن مان ڪن واگهہ جو مطلب ئي ڪو نہ سمجهيو تہ ڪن وري ان کي واگهو سمجهيو.

آخر ارجن مهن ڪوليو: ”سر واگهہ ڇا ٿيندو آهي؟“

ڪئپٽن شرما چيو - ”عام طور ماڻهو واگهہ کي شينهن ئي سمجهندا آهن پر واگهہ ۽ شينهن ۾ وڏو فرق آهي.

”جڏهن شير چئبو آهي تہ مطلب هوندو آهي ڪيسري يا ببر شير جنهن جي منهن، گردن ۽ ڪلهن تي شاندار وار هوندا آهن ۽ هن جي باقي سڄي بدن تي ڪٿي بہ ڪنهن بہ قسم جا پٽا ڪو نہ هوندا آهن. شير جو منهن ڪجهہ وڏو، ڀاري ۽ انسان

ئي ته بهتر رهندو. جهنگلي جانورن جي عادتن
کي سمجهڻ کان پوءِ وحشي انسانن جي پرکه ذرا
سولي ٿي ويندي آهي.“

وڪاس ۽ هن جا ساٿي شڪار جي ڪهاڻي ٻڌڻ
لاءِ تيار ٿي ويٺا. ڪئپٽن شرما به کنگهڪار ڪري
پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪئي.

ڪئپٽن شرما. ”اُنهن ڏينهن ۾ مان موڪل تي هوس
۽ شڪار لاءِ ڪنهن جهنگل جي چونڊ ڪري رهيو
هوس. اوچتو اخبارن ۾ پڙهيم ته مڌيه پرديش جي
ولاسپور ضلعي ۾ ڪنهن واگهه ڏاڍو ٿهلڪو مچايو
آهي ۽ هراس ڦهلايو آهي. هيل تائين ڪيترائي جانور
ماري کائي چڪو آهي ۽ هاڻي ته ڪيترن ماڻهن
کي به ڪٽي وڃي ٿو ماري ۽ کائي. سڄي ضلعي
۾ ڏاڍو ڀپ ڦهلجي ويو آهي.

”مان هڪدم ولاسپور ضلعي ڏانهن روانو ٿيس ۽
نانبيرا ڳوٺ ۾ وڃي ديرو ڄمايم ڇو ته انهيءَ ڳوٺ
جي آس پاس ئي گهڻي ۾ گهڻا واقعا ٿيا ها.

”مونکي خبر آهي ته ڳوٺن جا ماڻهو عجيب قسم
جا هوندا آهن. ڪوئي شڪاري هنن جي ڳوٺ ۾
اچيتو. سمجهو ته اُهو ماڻهو هنن کي نه ٿو وڻي ته
هڪدم چئي ڏيندس. نه سائين، هن ڳوٺ جي آس
پاس جهنگل نه آهي پر اسان سالن کان ان ۾ ڪوئي
جانور ئي ڪو نه ڏٺو آهي. توهان شينهن، چيتن ۽

جي منهن سان ڪي قدر مشابهت رکندڙ هوندو آهي. شينهن جي جيڪا ڏيهه - رچنا آهي اها ئي کيس ”جهنگل جو راجا“ بڻائي ٿي. هونئن ڏسجي ته جهنگل جو حقيقي سمراٽ ”واگهه“ ئي آهي. واگهه جي منهن تي وار ڪو نه هوندا آهن پر ڏيهه تي ڪاري رنگ جون لمبيون ڌاريون هونديون آهن. هن جو منهن ڪجهه ننڍو پر ڏسڻ ۾ نرڏئي ۽ ڀيانڪر هوندو آهي. هن جو جسم وڏيڪ چست درست هوندو آهي.“

ڪمل پڇيو - ”توهان پنهنجي اکين سان ڪڏهن شينهن ۽ واگهه کي لڙندو ڏٺو آهي؟“

ڪئپٽن شرما- ”نه، مون اهو نظارو ڪڏهن نه ڏٺو آهي. باقي هڪ جهنگل جي خبر اٿم جنهن ۾ ڪنهن وقت شينهن رهندا هئا، پر هاڻي فقط واگهه رهندا آهن. لڳي ٿو واگهن شينهن کي ماري ڪاڍي ڪڍي ڇڏيو.“

گوتم - ”توهان واگهه جو شڪار ڪيو آهي؟“

ڪئپٽن شرما- ”ٻه واگهه ماريا اٿم. انهن جا سر ۽ کلون اڄ به مون وٽ حفاظت سان پيون آهن.“

رمڻ چيو ”سر، اڄ توهان اسان کي شڪار جي ڪا سٺي ڪهاڻي ٻڌايو.“

ڪئپٽن شرما- ”ٺيڪ آهي، بچاءُ ۽ حملي جي سکيا جي شروعات، جي ڪنهن شڪار جي ڪهاڻيءَ سان

ڪي اڪثر هڪ گولي هلائڻ جو ئي موقعو ملندو آهي. جي پهرين گوليءَ سان شينهن، چيتو يا بگهڙ چڱيءَ طرح گهايل نه ٿيو، يا ٻ جي پچڙ نه لڳو ته پوءِ شڪاريءَ جو خير ناهي. شينهن يا چيتو هڪدم اُڇل ڪائي مچان تي چڙهي ايندو ۽ شڪاريءَ کي ماري پورو ڪري ڇڏيندو. گهايل شينهن، چيتي يا ٻئي ڪنهن به جهنگلي جانور جي همت ۽ طاقت ڏهوڻي ٿي ويندي آهي. مون ڪيترن ئي شڪارين کي اِنهن حالتن ۾ جان وڃائيندو ڏٺو ۽ ٻڌو آهي."

چيتن چيو، "سر، اسان سرڪس ۾ ڪيترا ئي شينهن، چيتا، هاٿي ڏٺا آهن. اُهي ته ڏاڍا پيارا هوندا آهن. ڪيترا سرڪس وارا ته شينهن جي منهن ۾ مٿو به وجهندا آهن."

ڪئپٽن شرما- "سرڪس جا شينهن ۽ چيتا نه شينهن هوندا آهن ۽ نه چيتا- اُهي ته پالتو جانور ٿي ويندا آهن. اِنهن خونخوار جانورن جو اصلي روپ ته جهنگل ۾ ئي ڏسڻ لاءِ ملندو آهي. سرڪس جي شينهن جي گرجنا تي پار به ڪلندا آهن پر جهنگل ۾ جڏهن شينهن جي گرجنا ٻڌبي آهي ته بهادر ۾ بهادر ۽ تر نشانيباز شڪاريءَ جي دل جي ڌڙڪن به وڌي ويندي آهي. ٻن گهڙين لاءِ ته هن کي به وشواس ٿي ويندو آهي ته موت آيو ڪ آيو ... چڱو، هاڻي مان اصلي ڳالهه تي ٿو اچان.

بگهڙن جو ٽا پڇو! اسان ته سالن کان لوهڙ ۾ سها به کوله ڏٺا آهن. پر جي شڪاري هنن کي وڏي ويو ۾ دل ۾ گهر ڪري ويو ته هڪدم چوندا جانور هزارين توهان فقط بندوق کڻي وڃو ۾ هانڪو لڳايو..."

ستيش وچ ۾ ئي هٿ کڻي پڇيو. "سر، هانڪو لڳائڻ ڇا ٿيندو آهي؟"

ڪئپٽن شرما. "شڪار ڪرڻ جو هڪ اهو به نمونو آهي ته جهنگل ۾ ڪنهن هنڌ شڪاري وڏي ۾ اونچي مچان ناهي، اتي بندوق کڻي تيار ٿي ويهندو آهي. مچان يعني ڏه ٻارنهن فوٽ اونچي اسٽيج.. پوء هانڪو لڳائبو آهي. ڪيترا ئي ماڻهون دهل، ڍول، دٻا وغيره وڄائي ۽ گوڙ شور مچائي جهنگلي جانور کي ڏڪائيندا آهن ۽ ڪوشش ڪندا آهن جيئن اهو جانور مچان جي طرف ڏانهن گهلجندو وڃي. جڏهن هانڪو لڳائڻ وارا جانور کي مچان طرف ڏڪيلڻ ۾ ڪامياب ويندا آهن ته مچان تي ويٺل شڪاري موقعو پائي وٺي جانور تي گولي هلائيندو آهي."

اندر پڇيو، "سر، مچان وارو شڪار ڪرڻ ته تمام سولو ڪم آهي."

ان تي وڪاس ۽ هن جا ڪي پيا به ساٿي کلڻ لڳا.

ڪئپٽن شرما. "مچان تي ويهي يا ٻوڙ تي ويهي شڪار ڪرڻ کي سولو نه سمجهيو. شڪاري ۾

”نانبيرا ڳوٺ ۾ مان جيپ ۾ چڙهي ويو هوس. ڳوٺ ڪجهه وڏيرو هو. پر اڪثر ماڻهو اوڏانهن يا ته پنڌ ويندا ها يا ڇڪڙن تي چڙهي ويندا ها. مان سڌو وڃي ڳوٺ جي مکيءَ سان مليس. جڏهن ٻڌايومانس ته مان هڪ فوجي آفيسر سان گڏ وڏ شڪاري به آهيان ۽ سندن ڳوٺ ۾ آدم خور واگهه کي مارڻ جي ارادي سان آيو آهيان ته هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مونکي هر طرح جي مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيائين.

مون چيومانس، ”مکيِ صاحب، مون کي سربستي ڳالهه ٻڌائيندا ته بهتر ٿيندو. مان ان آدم خور واگهه ۽ ڪن ٻين جهنگلي جانورن جي جانڪاري حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو. شڪار ۾ سؤلائي ٿيندي.“

مکيءَ ٻڌايو، ”فوجي صاحب، توهان کي ته خبر هوندي ته اسانجو مڌيه پرديش اوچن پهاڙن وشال جهنگلن ۽ پيچدار ندين جي ڪري ڏاڍو مشهور آهي. هي ڳوٺ ئي ڏسو. سڄو نانبيرا جهنگلن ۽ پهاڙن سان وڪوڙيو پيو آهي. جهنگلن ۽ پهاڙن ۾ خونخوار جانور به هوندا ئي. هتي به آهن ۽ تمام گهڻا آهن. پر هيلتائين سڀ ٺيڪ ٺاڪ پئي رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڳانءِ مينهن کي ڪوئي خونخوار جانور ماري ڇڏيندو هو باقي آدم خوري ڪو نه ٿيندي هئي. وڏيج واپار پيو هلندو هو. ڪيترن ۾ به پيا ايندا ويندا هئاسين، ٻار به ٻنا ٻپ ٻاؤ جي

ڀيا گهمندا ڦرندا ها. اسانجون عورتون کوهن تان پاڻي ڀري ايندڀون هيون ۽ مردن لاءِ منجهند جي روٽي کڻي ڪيتن ۾ به ويندڀون هيون. سڀ ڪجهه ساڌارڻ طور ٿيو هلندو هو. پر اوچتو هيءَ مصيبت اچي ڪڙڪي. هاڻي ته ٻاهر نڪرندي به ٻپ پيو ٿئي."

مون پڇيومانس، "واگهه هن ڳوٺ جي آس پاس ڪڏهن کان حملا ڪرڻ شروع ڪيا آهن ۽ ڀهرين گهٽنا ڪڏهن ٿي؟"

مکيءَ چيو، "فوجي صاحب، اها مصيبت اسان تي ڏيڍ مهني کان هلندي پيئي اچي. سائين، ڏيڍ مهنو ڇڙ ڏيڍ صدي ٿي ڪري گذريو آهي. هر وقت جان جو ٻپ ترتر ڪري ماري رهيو آهي. ڪيترن ماڻهن جي ته روٽي حرام ٿي ويئي آهي. ڇڱن ڀلن کي دل هول ٿي پيو آهي.

"اڄ کان اٽڪل ڏيڍ مهنو اڳ ڀهرين گهٽنا ٿي. سامهون واريءَ پهاڙيءَ جي هيٺان هڪ ميهن مٿل ڏٺي وئي. ڪيتن ۾ ڪم ڪندڙ هاري شور مچائيندا مون وٽ آيا ۽ اچي چيائون ته مکي صاحب، ٻاڻ هلي ڏسو ته ميهن کي ڪهڙي جانور ماريو آهي. سڄو بدن ڦٽيو پيو اٿس ۽ ڪيترين جڳهين تان پاءُ-پاءُ، اڌ-اڌ سير ماس نڪتو پيو اٿس. مان پاڻ به ڇوٽو موٽو شڪاري آهيان. بندوق ته هلائي ڪو نه ڄاڻان پر ڪهاڙيءَ سان به ٻه - ٽي جانور ماريا اٿم. مان هارين

سان گڏ ان جڳهہ تي ويس جتي مينهن ماري وئي
هئي. لاش جي حالت ڏسندي ئي مان سمجهي
ويس تہ هي ڪم نہ شينهن جو آهي ۽ نہ چيتي جو
پر مينهن کي ماريندڙ ڪو ئي واگهہ ئي آهي."

ارجن پڇيو، "سر، مکيءَ کي ڪيئن پتو پيو
هوندو تہ مينهن کي ڪنهن واگهہ ماريو آهي؟"

ڪئپٽن شرما- "مان تو توهان کي ٻڌايان. اول ئي
مان توهان کي ٻڌائي چڪو آهيان تہ شينهن ۽ واگهہ
۾ گهڻو فرق ٿيندو آهي. حقيقت ۾ واگهہ شينهن
کان ٻہ وڌيڪ نردئي ۽ ظالم هوندو آهي. شينهن
اڪثر انسان تي بنان ڪنهن سبب جي حملو نہ ڪندو
آهي، پر واگهہ کي بکہ هجي چاهي نہ هجي تہ بہ
ماڻهن چاهي جانورن تي حملو ڪري انهن کي
ماري ڇڏيندو آهي.

"واگهہ جا مکيہ هٿيار هن جا ڏند ۽ چنبا آهن.
هن جون اڳيون ٻہ ڏنگون گولائيءَ ۾ اٽويهہ-ويهہ انچ
ڊگهيون هونديون آهن يعني عام ماڻهوءَ جي ٽنگہ
جيڏيون موٽيون! واگهہ جو چنبو بہ انسان جي آڱرين
سوڌو قهليل ترين کان، يعني چنبي کان ڪجهہ
وڏو ئي هوندو آهي. پر واگهہ جي چنبي ۾ انسان
جهڙيون ڪمزور ۽ لنبيون آڱريون ڪو نہ هونديون
آهن پر ننڍيون ۽ موٽيون آڱريون هونديون
آهن. انهن آڱرين جي اڳيان اڌڪل ٻہ انچہ لنبا،

اڏوت ۽ تکا ناخون هوندا آهن. انهن ناخونن جي مدد سان واگهه گهوڙي، ٻيل يا ميڙهن جي چمڙي اوتري ئي سولائيءَ سان چيري ڇڏيندو آهي جيتري سولائيءَ سان اسان ڪنهن سنگتري جي کل لاهيندا آهيون!

"انسان جو شرير ته تمام ڪومل آهي. ان لاءِ واگهه جو هڪ ئي چنبو ڪافي آهي. پر گهوڙا، سان ۽ ٻلوان هاٿي به واگهه جي چنبي جي اڳيان گهڻو وقت ٽڪي نه سگهندا آهن جنهن وقت واگهه جي چنبي جي پنجن آڱرين جي اڳيان لڳل ڏيڍ يا ٻه انچي پنج چرن جهڙا تيز ۽ تکا ناخون شرير جي اندر گهسي ويندا آهن ان وقت شرير ۾ پنجه سوراخ ٿي ويندا آهن ۽ رت ڦوهارا ڪري وهڻ شروع ڪندو آهي. واگهه جي طاقت ۽ ڦرتيءَ کي گهٽ نه سمجهجو. هن جو پنج - چڙي چنبو تيستائين مشيني رفتار سان هٿوڙي جهڙي چوٽ ڪندو رهندو آهي جيستائين اپاڳو جانور پوريءَ طرح مري ختم نه ٿي وڃي.

"واگهه جي چنبي کان به ڀيانڪر هن جي منهن جي ڪناري وارا چار ڏند هوندا آهن. انهن کي ڪيلا چئبو آهي. واگهه پنهنجي شڪار جي شرير جي جنهن به جڳهه تي ڏند کپائيندو آهي اتان پاءُ-اڌ سير ماس ڪڍي ڇڏيندو آهي ۽ اُتي پنهنجو زهر به ڀري

ڇڏيندو آهي.

” سو يارو، هاڻي توهان سمجهي ويا هوندؤ ته مکي کيئن سمجهي ويو ته هينهن کي واگهه ئي ماريو هوندو. لاش جي حالت مان به صاف ظاهر هو ته اهو ڪم واگهه جو ئي ٿي ٿو سگهي. ڪوئي به ٻيو جانور پنهنجي شڪار جي بدن مان پنج پنج ڦوهارا رت جا نه ٿو وهائي سگهي ۽ نه ئي پاءُ-اڌ سير ماس هڪ ئي چڪ سان ٻاهر ڪڍي ٿو سگهي.“

نرمل چيو، ”سر، هاڻي اسان چڱيءَ طرح سمجهي وياسين ته مارڻ جي طريقي مان به جانور جي سڃاڻپ ٿي سگهي ٿي.“

ڪئپٽن شرما. ”هاڻي مان پنهنجيءَ اصلي ڳالهه تي اچان ٿو.“

سڀ ڀار سڌا ٿي ويٺا.

ڪئپٽن شرما. ”مان به مکيءَ سان گڏ ئي واردات ڏانهن روانو ٿيس. اسان سان گڏ هاري نه هئا ڇي پر ڪجهه ٻيا ڳوٺ وارا به. ڪهاڙيون ۽ لٺيون کڻي اسان سان سان گڏجي هلڻ لڳا. جنهن وقت اسان هڪ کيت جي اڳيان لنگهي رهيا هئاسين ته هڪ نوجوان آڀي ڪان ٻاهر ٿي ويو. هوا ۾ ڪهاڙي لوڏائيندي رڙيون ڪرڻ لڳو ”ڪٿي آهي آدمخور واگهه؟ مان نه ڇڏيندو مانس، مان اصل نه ڇڏيندو مانس.“

”ڪجهه ماڻهن نوجوان کي پڪڙي شانت ڪرايو.

ماڻي نوجوان جون اکيون آليون هيون.

”مون کي عجب لڳو. مکيءَ ٻڌايو. ”فوجي صاحب،
هن نوجوان سان وڏل وهي ويو آهي. ڳوٺي کي اڃا
ھ مهنا ٿي مس ٿيا هئس تہ واگهہ هن جي ٺئينءَ
ڪنوار کي ...“

مون پڇيو، ”ڪڏهن اِها واردات ٿي؟“

مکي، ”مهنو کن مس ٿيو. هوُ سامهون مهڻي جو
وڻ ڏسو ٿا. اِتان ئي واگهہ جهپٽو هڻي هن بدنصيب
جي ڪنوار کي کنيو هو. مهڻي جي آس پاس جي
سڄي زمين رت سان رڱي پئي هئي. خون جي
نشانن جو پيڇو ڪندي اسان ٻہ ميل کن دور نڪري
وياسين. سامهون هڪ سوڙهو نالو هو. رات ٿي رهي
هئي ان ڪري اسان واپس موٽي آياسين. تلاش پئي
ڏينهن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيسين. اڃا ڪجهہ مفاصلو
مس طئہ ڪيو هوندوسين تہ ڪنهن عورت جون دل
چير ينڌڙ رڙيون ٻڌيوسين ۽ پوءِ جلد ئي سڀ ڪجهہ
شانت ٿي ويو.“

نرنجن پڇيو، ”سر ڳوٺو ڇا ٿيندو آهي؟“

ڪئپٽن شرما. ”اسان جي ملڪ ۾ ڪيترائي مائٽ
پنهنجن ٻارن جي شادي ٻچپن ۾ ئي ڪري ڇڏيندا
آهن. شاديءَ کان پوءِ اُهي ٻالڪ گهوٽ ڪنوار پنهنجن
پنهنجن مائٽن وٽ ئي رهندا آهن. ڇوڪري جڏهن
جوان ٿي ويندي آهي يعني سورهن سترهن سالن

مکيءَ چيو، ”پڪي خبر ته ڪونه آهي پر مان سمجهان ٿو ڳالهه هيئن هوندي. اڪثر واگهه اُنهن گوالن جي سامهون اچي ويندو آهي، جيڪي هر روز پنهنجو چوپايو مال چارڻ لاءِ جهنگلن ڏانهن ويندا آهن. جيڪڏهن ماڻهون ملي ڪري جهنگل ۾ گوڙ شوراڪن نه واگهه پاسو وٺي هليو ويندو آهي. پر جي ڏاڍو بکيو هوندو آهي ته هڪ اڌ جانور پڪڙڻ لاءِ جهپٽو هڻندو آهي. ان وقت جي گوالو بچي ڪري وٺي پڄندو ته واگهه پڪ ئي پڪ جانور کي ڇڏي اچي اِنسان جي پٺيان پوندو ۽ ماري پورو ڪندس. هن واگهه سان به اِئين ئي ٿيو هوندو. ڪوئي ماڻهو بچي پڳو هوندو ۽ واگهه ان ايامجي کي ماري انساني خون جو سواد چکيو هوندو. هاڻي نه انساني خون ۽ گوشت هن جي منهن لڳي چڪو آهي ۽ ڏاڍ هري ويو اٿس.“

”اُن ڏينهن اسان موٽي آياسين. مون گوناڻن کي وشواس ڏياريو ته - واگهه کي مارڻ کان سواءِ مان مان واپس نه ويندس.

شام پڇيو، ”سر، واگهه جي عمر گهڻي ٿيندي آهي؟“

ٻيا ٻار کلڻ لڳا.

مون چيو، ”ٻارو، کلو نه. جانورن جي عمر به مقرر ٿيل آهي. جيئن اِنسان جي عمر اڳي سؤ سال

جي ڏي ويندي آهي ته پوءِ هن جا مائٽ ڪيس گهوٽ جي گهر موڪليندا آهن. ٻال-وڏوءَ جو جوان ڏيڻ تي پهريون ڀيرو گهوٽ وٽ وڃڻ ٿي ”گؤنو“ چوائيندو آهي.“

ٻار آلائي چا سوچي ڪرڻ لڳا.

”جلد ئي اسان اُن جڳهه تي اچي پهتاسين جتي واگهه ميڻهن کي ماريو هو. ميڻهن جي بدن جي ڪيترين ئي جڳهين تي واگهه جي چنبن جا نشان ها ۽ اُتان خون فوهارا ڪري وهيو هو. ڪيترن ئي هنڌ واگهه چڪ پائي ميڻهن جو ماس ڇني ٻاهر ڪڍيو هو. ميڻهن جي لاش جي اهڙي ته حالت هئي جو اسان لاءِ ان ڏانهن نهارڻ ئي ڏاڍو مشڪل هو.“

ملڪيءَ چيو. ”هاڻي ڇا ڪريون؟“

هون جواب ڏنو، ”ڪوئي فائدو ناهي. هن وقت واگهه ڪنهن به حالت ۾ ڏسڻ ۾ به ڪو نه ايندو. پر ملڪي صاحب، مون کي هڪ ڳالهه سمجهه ۾ ڪو نه ٿي اچي. آخر هي واگهه آدم-خور ڪيئن بڻيو؟“

ملڪيءَ پڇيو، ”ڇا مطلب؟“

مون چيو، ”ملڪي صاحب، جهنگلي جانور ڪيترا به خونخوار ڇو نه هجن پر ٻن پيرن واري انسان کان ٻڄندا آهن. ڪڏهن فقط ڪنگهڪار جي آواز تي ئي ڀڄي ويندا آهن. هن واگهه کي انساني خون جو چشڪو ڪيئن لڳو؟“

جانڪاري حاصل ڪرڻ جي اِڇا تہ پوري ٿئي ٿي...
جيئن تہ اڄ ڪافي دير ٿي وئي آهي، ان ڪري واگهہ
جي شڪار جي ڪهاڻي مان سڀاڻي پوري ڪندس."

هريش چيو، "سو سر، توهان بہ چالاڪ ڪٿا ڪندڙن
وانگر آڪاڻي وچ ۾ ڇڏي ٻئي ڏينهن لاءِ گراهڪ پڪا
ٿا ڪري ڇڏيو."

هريش جي ان ڳالهہ تي نہ فقط ٻارن پر ڪئپٽن
شرما بہ تمام زوردار ٽهڪ ڏنو.

۳ / هراس جو انت

واگهہ جي شڪار جي ڪهاڻيءَ جي چسڪي ٻارن
کي ٻئي ڏينهن شام جو ڪئپٽن شرما وٽ اچڻ لاءِ
مجبور ڪيو. اڳلي ڏينهن وانگر ئي ٻار ڪئپٽن شرما
جي سامهون اڌ گول ۾ ٿي ٽڪي ويٺا.

ڪئپٽن شرما واگهہ جي شڪار جي ڪهاڻيءَ کي
اڳتي وڌائيندي چيو، "ٻئي ڏينهن صبوح ٿيندي
ئي واگهہ جي تلاش ۾ مان جهنگل طرف نڪري ويس.
سڄو ڏينهن ڀٽڪيس پر واگهہ جو ڪوئي اتو-پتو نہ
مليو. پهاڙن تي چڙهي ويس، جهنگلن ۾ اندر گهسي
ويس، پر واگهہ جو پاڇو بہ ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيو. مون
کي ائين لڳي رهيو هو ڄڻ تہ واگهہ کي خبر پئجي

ليکي ويندي هئي ۽ هاڻي پنجاهه-سٺ ليکي ٿي وڃي ٿي. ان طرح جانورن جي عمر جو به حساب ڪتاب آهي."

هاڻي ٻارن جي دلچسپي وڌي وئي.

مون چيو، "شير، واگهه ۽ اُن جي عمر چاليهه سال ليکي وئي آهي. چيتي، بگهڙ ۽ ڪتي جي عمر پنجٽيهه سال. پر توهان کي ٻڌي عجب لڳندو ته مگرمڇ جي عمر اٽڪل ٽي سؤ سال ليکي وئي آهي."

ٻارن عجب مان رڙ ڪئي، "ٽي سؤ سال؟"

مون چيو، "هائو، ٽي سؤ سال. ڪن حالتن ۾ ان کان به وڌيڪ."

سنديب عجب مان چيو، "ان جو مطلب اهو ٿيو ته ڪي مگرمڇ اهڙا به هوندا جن ۱۸۵۷ وارو آزاديءَ جو آندولن به ڏٺو هوندو!"

مون چيو، "جيڪڏهن مگرمڇن ۽ انسانن جي وچ ۾ ڪنهن به نموني گفتگو ممڪن ٿي سگهي ته شايد ڪي اهڙا بزرگ مگرمڇ به ملي وڃن جن اورنگزيب جو زمانو به ڏٺو هجي."

سڀني ٻارن وٺي ڪليو.

مون چيو، "ٻارو، توهان وچ وچ ۾ سوال پڇو ٿا اها سٺي ڳالهه آهي. جيتوڻيڪ ڪهاڻيءَ جو سلسلو ڪٽجي ٿو وڃي پر توهان جي من جي اُڻ-تڻ ۽

چڪي هئي ته سندس شڪاري اچي ويو آهي. ان ڪري ئي هو مون سان اک-چپ راند ڪري رهيو هو.

"ان طرح، هيڏانهن هوڏانهن ڦٽڪندي چار پنج ڏينهن نڪري ويا. مان ته، خير، نراس ڪو نه ٿيس پر مون کي لڳي رهيو هو ته ڳوٺاڻن جو مون مان وشواس نڪرندو ٿي ويو. اهو سڀاويڪ به هو.

ڇهين ڏينهن مکيءَ کان رهيو نه ويو ۽ مون کان پڇي ويٺو، "فوجي صاحب، آخر واگهه ڪڏهن ماريندؤ؟"

مون مرڪندي جواب ڏنومانس، "مکي صاحب، هن وقت واگهه مون سان لڪ-چپ راند ڪري رهيو آهي. جيئن ئي سامهون ايندو گوليءَ سان سڌو ٻيءَ دنيا ڏانهن موڪلي ڇڏيندوسانس. مکي صاحب، آخر به واگهه آهي، ڪوئي جهڙو تهڙو جانور ڪونهي. واگهه سو به آدمخور واگهه!"

"مکي چپ ٿي ويو. پر هن جي اکين مان اوشواس صاف صاف جهلڪي رهيو هو.

"ايتري ۾ ڪجهه اڳوٺاڻا به مکيءَ جي چوپال (اوطاق) تي اچي پهتا. هنن جي اکين ۾ به اوشواس ڀريل هو. جيتوڻيڪ هنن مان ڪنهن به پنهنجي منهن مان ڪجهه ڪو نه ڪڇيو. مون پهريون هنن ڏانهن سوالي نظرن سان نهاريو ته شايد ڪوئي ڳوٺاڻو واگهه جي باري ۾ جانڪاري ڏيڻ آيو آهي. پر ڇوءِ

محسوس ڪيم ته هنن وٽ ڪائي سوچنا ڪونه هئي.

”اوچتو هو ٻاڻ ۾ سس-پس ڪرڻ لڳا. مون کي اهو سمجهندي دير نه لڳي ته هو ڪائي نئين تجويز ڪڍي آيا آهن. آخر انهن مان هڪڙي ڳوناڻي دل ٻڌي چيو- فوجي صاحب، ٻرو نه ميو ته هڪ ڳالهه چئون.

”ٻرو چو ميندس.“ مون جواب ڏنو، ”توهان کي جيڪو چوڻو هجي بي ڌڙڪ چئي ڏيو. ٿي ٿو سگهي توهان جي ڳالهه مان ئي ڪائي واٽ نڪري اچي.“

ڳوناڻو: ”سائين، هي آهي سمير و، اسان جي ڳوٺ جو نڪ. فوجي صاحب، هي شڪاري به آهي ته پير و به ڪڍي ڄاڻي. هن کي ٻاڻ سان گڏ رکندؤ ته زمين کي سنگهي ٻڌائيندو ته واگهه ڪيڏانهن ويو آهي.“

سميرو اُمنگ ۾ اچي چيو، ”فوجي سائين، مون ڪيترا ئي شڪار ڪيا آهن ۽ ڪيترن ئي جانورن جا پيرا ڪڍي انسانن کي بچايو آهي.“

”مون کي لڳو ته سميرو ڪجهه ٻڌاڪ هڻي رهيو آهي. پر ان هوندي به مون ڳوناڻن جو وشواس ٽوڙڻ نه ٿي چاهيو. سو مون سمير وءَ کي چيو، سڀاڻي مون سان گڏ هلجانءِ.

”ٻئي ڏينهن مان سمير وءَ سان گڏ جيپ ۾ جهنگل طرف روانو ٿيس. اوچتو سمير وءَ پڇيو- توهان هلندڙ جيپ مان جانور تي گولي هلائي سگهندا آهيو؟

اڇي ڪار ۾ ويٺو."

پار ٺهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳا. ڪن پارن جي منهن مان نڪتو - سميروءَ کي سلام.

شرما- "سميرو ڪار ۾ اڇي ويٺو ته مون ڇيوماڻس، جيڪڏهن واگهه هجي ها ۽ ڪجهه زخمي ٿي وڃي ها ته تون ڇا ڪرين ها؟"

سميرو- "ڇا ڪيان ها؟ جناب، واگهه وري ڇا ڪري ها؟"

"واگهه ڇا ڪري ها، اهو ته مان ٺيڪ ٺيڪ چئي نه ٿو سگهان." مون ڪلندي چيو، "پر توکي ڏوٿي پڌر جو موقعو نه ملي ها."

سميروءَ ڪوئي جواب نه ڏنو.

مون چيو: "سميرو، گهرون گهاٽي جهنگل جي اندر؟ شايد ڪنهن جانور جو لاش ملي وڃي ۽ واگهه جي پيرن جا نشان به ملي وڃن."

سميرو- "نه فوجي صاحب، اڄوڪو ڏينهن اشڀ ٿو لڳي. ورنا پن پن شينهن تي گوليون هلائيندي به منهنجي ڏوٿي ڍلي نه ٿي آهي. هاڻي واپس هلو. سڀاڻي واگهه جي پڇي کي ڏسي وٺنداسين."

جيپ جهاڙين جي وچ مان هلي رهي هئي. اوچتو مون کي لڳو ته جهاڙين جي وچ مان ڪوئي خونخوار جانور مون ڏانهن لال لال اکين سان نهاري رهيو آهي. مون جيپ جي رفتار ڪجهه ڍري ڪئي

"نه پائي، مان ته ڪو نه هلائي سگهندو آهيان.
تون هلائي سگهندو آهين؟"

"بيڌڙڪ"

"ڇا گولي جانور کي لڳندي به آهي؟"

"ته ڇا هوا ۾ چاند ماري ڪندو آهيان؟"

"ٿورو ئي اڳتي وڌياسين ته هرڻ ڏٺاسين. جهنڀ جو جهنڀ نينگر ٽپا ڏيندو ڪيڏانهن وڃي رهيو هو.

"سمير و" مون چيو "هي اوسر هٿن مان نه وڃاءِ. هلاءِ گولي ۽ هڪ به هرڻ حلال ڪر."

"نه سائين، جيپ ذرا گهٽي اڏي ڏڏي رهي آهي. رستو خراب آهي نه. مان سيمينٽ جي رستي تان ڪسڪندڙ موٽر ڪار مان نشانو چٽيندو آهيان."

"ٺيڪ آهي. مان جيپ بيهاريان ٿو. تون هيٺ لهي گولي هلاءِ. وڻن جي اوٽ مان هرڻن جو شڪار ڪر."

"جيئن تيئن ڪري سمير و مهاشيه هيٺ لٿو. هنجي ڇهري مان ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ڪا وڏي مصيبت اچي ڪڙڪي اٿس. آن ڏه قدم مس هليو هوندو ته هرڻن کي سمڪ پئجي وئي ته ڪوئي خطرو آس پاس آهي. سو وٺي ڀڳا. سميرو به هنن جي پٺيان ڀڳو ۽ هڪ گولي ڪڍي ڇوڙيائين. هيڏانهن گولي ڇٽي هوڏانهن سندس ڏوتي اڏ ڪلي وئي. هرڻن کي خبر به نه پئي ته ڪو هنن تي گولي هلائي وئي آهي. سميرو ڪلندو ڪلندو، ڏوتي پڪڙندو

ڇڏي هليو وڃي ته پوءِ ؟

"سميرو" مون چيو "واگهه اهڙا سڀ ڪونه هوندا آهن. هي واگهه ته بشيرمن جو نڪ آهي."

اوطاق تي پهچي مون مکيءَ کي چيو، "اڄ واگهه ديوتا جا دور کان درشن ٿيا. پتو پئجي ويو اٿس ته پاٽ-پوڃا جي سموري سامگري کڻي پرمکه پيغمبر پهچي ويو آهي. سو، هاڻي ديوتا پيو ٿـو پنهنجون ليلائون ڏيکاري."

مکيءَ چيو، "سميروءَ کي چئوس ها نه ته پيرو کڻيس ها."

"مکي صاحب" مـون سميروءَ ڏانهن نهاريندي مرڪندي چيو- "پوءِ اسان کي هن جو لاش کڻڻ لاءِ هلڻو پوي ها. واگهه نه ماريس ها تـه واگهه جو پؤ ماري پوروڪريس ها."

"هاڻي ڇا ڪندؤ؟" مکيءَ پڇيو.

"ڪنهن موقعي جو انتظار... مکي صاحب، مون کي به ضد چڙهي ويو آهي. هن واگهه کي اصل نه ڇڏيندس."

"مون سميروءَ کي اهڙو بزدل ڪونـه سمجهيو هـو" مکيءَ سميروءَ ڏانهن عجيب نظرن سان نهاريندي چيو- " اسانجي ساهمون تـه وڏيون پناڪون هڻندو آهي."

"مکي صاحب" مون چيو "اِها ڪائي عجيب ڳالهه

۽ سميرءَ کان پڇيم، جيپ هلائي ڄاڻين؟

”نه سائين“ سميرءَ ڪجهه گهٻرايل آواز ۾ پڇيو، ”ڪوئي خطرو آهي ڇا؟“

”خطرو نه آهي ئي،“ مون جواب ڏنومانس، ”پر ڀڄڻ جي ڪائي ڳالهه ڪونهي. لڳيٿو واگهه آس پاس آهي ۽ حملو ڪرڻ جي تيارين ۾ آهي.“

”منهنجا اِهي لفظ ٻڌي سميرءَ جي ڳلي مان هڪ عجيب قسم جو آواز نڪتو ۽ منهن جو رنگ ئي اُڏامي ويس. مون کي کل اچي وئي . مون جيپ بيهاري ۽ ساوڌانيءَ سان آس پاس جي جهاڙين ڏانهن نهارڻ لڳس.

”اوچتو کاٻي پاسي وارين جهاڙين ۾ مون کي چرپر نظر آئي. مون بندوق تاڻي نشانو لڳايو ۽ گولي ڇوڙيم. گولي واگهه کي لڳي ڪو نه پر واگهه ڀڄي ويو. مان اِهو ئي چاهيان پيو. جيڪڏهن واگهه کي گولي زخمي ڪري ها ته هوُ پوري طاقت سان حملو ڪري ها. پر، هن حالت ۾، هن ڀڄڻ ئي ٺيڪ سمجهيو ۽ ڀڄي ويو. مون جيپ کي اڳتي وڌايو.

”هاڻي ڇا ڪنداسين؟“ سميرءَ پڇيو.

”هاڻي واپس ڳوٺ هلون ٿا:“ مون چيو ”اڄوڪو ڪم پورو ٿيو. واگهه ڀڄي ويو. سپاهي وري ڳولها تي ذڪر نداسين.“

”جيڪڏهن واگهه ڀڄي ڪري هيءَ ايراضي ئي

ٻارن پڇيو - ”سر، توهان جو دوست گڪپٽ جوشي اڃا شڪار ڪيليندو آهي؟“

ڪئپٽن شرما- ”اڄ ڪلهه وارسوا ۾ هڪ بنگلو وٺي رهيو پيو آهي. رڇ جي کل مٿان شينهن جي کل رکي ان تي پد ۾ آسڻ لڳا ۽ روز ٻه ڪلاڪ ڌيان ڪندو آهي. ٻه ڌيان ۾ ديوتائن جي بدران سدائين سندس ڪلپنا ۾ جانور ايندا رهندا آهن.“

ٻارن ان تي خوب ٽهڪ ڏنا.

ڪئپٽن شرما- ”ٻئي ڏينهن صبوح جو خبر ملي ته ڪيٽن جي اڳيان ٽهيل هڪ جهوپڙيءَ مان رات جو واگهه تيرهن چوڏهن سالن جي هڪ ٻالڪ کي جهپٽو هڻي کڻي ويو آهي. مان، مکي اتي پهتاسين جنهن جهوپڙيءَ ۾ اهڙي دڪدائي گهٽنا ٿي هئي. ٻالڪ جي ماءُ هر هر بيهوش ٿي ٿي وئي ۽ پيءُ جي حالت به ڪا سٺي نه ٿي لڳي. فقط ڇوڪري جي وڏي ڀاءُ همت نه هاري هئي ۽ ڏاڍو ڪروڌ ۾ هو.

”خون جي نشانن جو پيڇو ڪندي ڪندي اسان ٻه ميل اڳتي وڌي وياسين. سامهون هڪ نالو هو جنهن جي ٻنهي پاسن کان سڌن ۽ سپاٽ چٽانن جي جڻ ديوار ٺهيل هئي.

”جيئن تيئن ڪري اسان اهو نالو پار ڪيوسي. نالي جي ٻئي پاسي سهيروءَ کي واگهه جي پيرن جا نشان ملي ويا. اُتي رت جا نشان ٻه مليا. ٿورو

ڪونه آهي. شڪاري-جيون ۾ ائين ٿيندو رهندو آهي. آخر به اِنسان انسان آهي ۽ مقابلو هڪ خونخوار جانور سان ٿيو رهي. مان ٿو توهان کي هڪ دوست جي ڪهاڻي ٻڌايان، جيڪو اول درجي جو شڪاري ليکبو ويندو آهي.

”منهنجي مٽر گٽپت جوشيءَ کي شينهن جو شڪار ڪرڻو هو. مچان تي اڪيلو وڃي ويٺو. هيٺ ڪنهن مئل جانور کي رکي ڇڏيو هئائين جيئن ان لالچ تي شينهن ڇڪجي اچي. ڪجهه رات مس گذري ته اتي هڪ جهنگلي رڇ اچي پهتو. اجا رڇ جانور جي لاش کي سنگهيو مس ته جهاڙين ۾ لڪيل شينهن وٺي رڇ تي ڇلانگ لڳائي. رڇ ڀڳو ۽ وڻ تي چڙهي ويو. وڻ جي پاسي ۾ ئي گٽپت جو مچان هو. سو رڇ اوڏانهن به وڌي ويو. اُن وقت جيڪا گٽپت جي حالت ٿي ان جو انومان لڳائڻ ئي مشڪل آهي. پاسي ۾ رڇ ۽ هيٺان شينهن! پر اهڙي غير معمولي نموني هڪ اِنسان (گٽپت) کي ويٺل ڏسي رڇ جي جيڪا حالت ٿي ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هو ڌڙام سان وڃي زمين تي ڪريو. شينهن هڪ ئي ڇنبي سان رڇ کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ وري مٿان جيڪا گٽپت گولي هلائي ان شينهن جو ڪم تمام ڪري ڇڏيو. گٽپت جي ٻنهي شڪار جي واه واه ڪئين مهنا ٿيندي رهي.“

پريان هڪ ڪڏ ۾ ٻالڪ جو لاش به ملي ويو. ٻالڪ جي اهڙي حالت هئي جو ڪيترن ڳوٺاڻن کان رڙ نڪري وئي ۽ هو مٿو پڪڙي اُتي ئي ويهي رهيا. واگهه ٻالڪ جي گوشت جو ڪجهه ناشتو ڪيو هو ۽ نالي مان پاڻي پي ڪري چٽائن تان چڙهندو شايد پنهنجي غفا ۾ آرام ڪرڻ هليو ويو هو.

”مکي صاحب“ مون چيو. ”هاڻي مهرباني ڪري توهان سڀ واپس وڃو. اڄ منهنجو ۽ واگهه جو دوبدو مقابلو ٿيندو. باقاعدي ڏرم - يڌ ٿيندي.“

”اسان توهان کي اڪيلو ڇڏي ڪو نه ويندا سين.“

”پر هيءَ ڪا جنگ ڪونه آهي. واگهه سان مقابلو آهي. ٿي ٿو سگهي واگهه هيترن ماڻهن مان ڪنهن هڪ کي شڪار بڻائي وجهي. هيءَ جنگ اڪيلي سر ئي جيتي سگهجي آهي.“

”ٺيڪ آهي،“ مکيءَ چيو ”اسان هتي بيٺا آهيون. توهان وڃو ۽ وڃي واگهه کي ماريو.“

”نه مکي صاحب“ مون چيو. ”وري به ساڳيو ئي خطرو آهي. جيڪڏهن واگهه مون کي گوهي ڏيئي هتي، توهان جي سامهون اچي پهچي ته ڇا هٿن ٽنگن ۽ کهاڙين سان توهان ڪيس ماري سگهندا؟ ضد نه ڪريو. وڃو ۽ وڃي ڀڳوان جي پرارٿنا ڪريو ته جيئن مان سڦل ٿيان ۽ آدم مان ڇوٽڪارو ملي.“

” منهنجي اِها ڳالهه مکي، سمير و چاهي پين

ڳوٺاڻن جي دل سان لڳي وئي ۽ هو واپس وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويا. سمير وءِ چيو- پر اسان ڏاڍي بيچينيءَ سان توهان جو انتظار ڪنداسين، سو پارا ٿي جلد واپس اچجو.

"جڏهن سڀ واپس هليا ويا ۽ مان اڪيلو رهجي ويس ته آس پاس نظر وڌم. پيرن جا نشان صاف ٻڌائي رهيا ها ته واڳهه چٽان لتاڙي مٿي ڪيڏانهن ويو آهي. چٽانن جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي درار نظر آئي. هڪ سڪل نالي وانگر. ان درار جي رستي مٿي چڙهڻ سؤلو به هو ته ڏکيو به. سؤلو ان ڪري جو ٻنهي طرفن کان هٿ ٽڪائڻ لاءِ چٽانون هيون ۽ ڏکيو ان ڪري جو ان درار ۾ سيوڙ ڄمي وئي هئي ۽ پير ترڪڻ جو هر وقت انديشو هو. آس پاس جهاڙيون به هيون جن کي هٿائي، ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان مان اڳتي وڌڻ لڳس. مان نه پيو چاهيان ته ڪو واڳهه کي ذرا به شڪ پئجي وڃي ته ڪوئي چٽانن تي مٿي چڙهي رهيو آهي. سامهون ڌنڌ ئي ڌنڌ هو، ڪجهه به صاف نظر نه ٿي آيو. پنجاه ست فوٽن جو مفاصلو پار ڪرڻ ۾ مون کي پنج-ست سال لڳي ويا! ڏاڍو خبرداريءَ سان اڳتي وڌي رهيو هوس. ٿورو به کڙڪو مون لاءِ موتمار ثابت ٿي ٿي سگهيو.

"انڌڪار جو سبب به جلد ئي سمجهه ۾ اچي ويو

ساهوُن ڪائي غفا هئي. ضرور واگهه ان غفا ۾ ئي رهندو هوندو. ٻـن گهڙين لاءِ ته منهنجي جان ئي سڪي وئي. واگهه کليل ميدان ۾ ئي مها ڀيانڪر هوندو آهي. منهنجي غفا ۾ تہ ساڪيات يمراج جو اوتار هوندو!

"ساهوُن ڏٺم. غفا ئي هئي. ڏنڌلي روشنيءَ ۾ اٽڪل سؤ فوٽ پريان وشال پرڇائي ليٽيل نظر آئي. تہ اِهو آهي خونخوار آدمخور واگهه! جيئن تيئن ڪري سٺ ڪن فوٽن جو مفاصلو طئہ ڪيم. انوقت بندوق مون لاءِ وڏو مسئلو هئي. پر تمام ضروري بہ هئي.

"سڄو بدن پگهر سان پُر جي ويو. ٻپ بہ ڏاڍو ٿي رهيو هو. حالت اهڙي هئي جو نہ اڳتي ٿي وڌي سگهيس نہ پوئتي ٿي هٽي سگهيس. هڪ سٺي ڳالهہ اِها ٿي هئي جو هوا جو رخ واگهه طرف نہ هو پـر مون طرف هو. ان ڪري واگهه تائين منهنجي بوءِ نہ ٿي وئي

"اوچتو ڪائي اڳيات حيواني طاقت مون ۾ جاڳي اٿي. مون بندوق سڌي ڪئي ۽ واگهه جي شرير جو نشان ورتم. پر هن جي شرير جو ڪوئي اهڙو انگ منهنجي نشاني تي نہ ٿي آيو جتي هڪ گوليءَ سان ئي مان هن کي ختم ڪري سگهان. جيڪڏهن واگهه فقط گهايل ٿيو تہ پوءِ منهنجو خير ناهي.

" اوچتو واگهه پاسو بدلايو. هاڻي هن جـو منهن

بلڪل منهنجي سامهون هو. مون پاڻ ۾ همت ڪئي ڪئي ۽ واگهه جي منهن جو نشانو وٺي گولي ڇوڙيم. هلڪو "ڏانءِ" جو آواز ٿيو ۽ واگهه پلٽو کاڌو. ڪيس نه گرجڻ ڪرڻ يا ڪراهڻ جو موقعو مليو ۽ نه حملو ڪرڻ جو! هڪ سچي سنت پرش وانگر اُن واگهه جو انت بنا ڪنهن تڪليف جي ٿي ويو."

ڪئپٽن شرما جي واگهه-ڪٿا ٻارن کي آنند به ڏنو ته اُتساه به ڏنو. هو اهو به وساري ويٺا ته ڪين کو گهر وڃڻو آهي. اُتم چيو- "سر، اسان کي واگهه جي شڪار جي ڪهاڻي ڏاڍي وڻي. اسان کي روز اهڙيون مزيدار ڪهاڻيون ٻڌائيندا ڪريو. اسان روز توهان وٽ ايندا سين."

ٻين سڀني ٻارن به تاڙيون وڄائي اُتم جي ان سجهاءَ جو سواگت ڪيو.

پهريون ته ڪئپٽن شرما مرڪيو ۽ ٻارن جي خوشيءَ ۽ اُتساه جي موٽ ڏني. پر پوءِ ساڄي هٿ سان ٻارن کي شانت رهڻ جو اشارو ڪندي چيائين: "ٻارو، اسان پنهنجو مقصد وساري رهيا آهيون. توهان کان شايد وسري ويو آهي ته اسان هتي بچاءُ ۽ حملي جي ڪلا سکڻ جو مقصد کڻي ڪٺا ٿيا آهيون. واگهه جي شڪار جي ڪهاڻي مون توهان کي فقط انڪري ٻڌائي جيئن توهان جهنگلي جانورن جي سڀاءَ کان واقف ٿيو ۽ شهرن چاهي ڳوٺن ۾ رهندڙ ٻين ٻارن

With Compliments From

Ph. Office : 72905

Resi : 71272

K. C. CHANDNANI

Approved Govt. Contractors

PADAM - CHHUGAM - SAGAR

NEAR OLD TELEPHONE EXCHANGE.

ULHASNAGAR - 421 003.

وارن جهنگلي درندن جي سڀاءُ کي ڪجهه سمجهي ڪري، اُنهن سان اُن مطابق وهنوار ڪريو.“

پار گنپير ٿي ويا ۽ ڏيان سان ڪئپٽن شرما کي ٻڌڻ لڳا.

ڪئپٽن شرما. ”جهڙيءَ طرح زخمي جانور ڏهوڻو خطرناڪ ٿي ويندو آهي، ٺيڪ ان طرح مار کاڌل ۽ بيعزتو ٿيل دشمن به بيحد خطرناڪ ٿي ويندو آهي. هو زندگيءَ ڀر توهان کي ختم ڪرڻ ۽ بدلو چڪائي پنهنجيءَ آتما کي سنتوش ڏيڻ لاءِ پيو گهات گهڙيندو. هو توهان جي شرڻ به ويندو پر موقعو پائي ڏڪ هڻڻ لاءِ يا ٻئي ڪان هڻائڻ لاءِ. حاصل مطلب اِهو ٿيو ته دشمن کي صفا ختم ڪري ڇڏڻ ۾ ئي پنهنجي ڀلائي آهي. اِتهاس شاهد آهي ته جڏهن به ۽ جنهن به دشمن کي، دشمن کي معاف ڪيو آهي، ان ٺڳي ديا ڪئي آهي، اُن پنهنجو سر ڏيئي ۽ سروناش ڪرائي ان غلطيءَ جي قيمت چڪائي آهي.

”مان توهان کي بچاءُ ۽ حملي جون اُهي ڪلائون سيکاريندس جو ڪوئي دشمن، ڪوئي ٻرو ماڻهو، ڪوئي آپـراڌي، ڪوئي اِنسان-دشمن توهان جي سامهون اچڻ جي همت ئي نه ڪندو.“

❋

❋❋

❋

With best compliments from:

STD Code : 0251

Tel, Shop 79476
Resi, 76827

MARUTI

MAGNUM

MOTORS

LATEST- ACCESSORIES & SPARES
CARS & VANS

We are Doing Also :

SUN CONTROL FILM FOR CARS & VANS
HOME & OFFICE ALSO

C-29/110, Near, State Bank,
Kalyan Ambernath Road,
ULHASNAGAR 421003.

WITH BEST Compliments from

M/s. GLAMOUR BAR

Main Road,

Ulhasnagar-421003

شيپ ڪاملائون ونڊا پبلڪيشن لاءِ

سونهن ڀارا! ساڃهه پر واهي :
اندر اندر آهه، ڀنڀوري ڀاهي !
ڀنڀور روپ اون ڀاڳ ڀڳاڙ !

ڪهڙي ديس مان هيءَ آئين اڏامي؟
ڪنڊرپ وقت آ، آهه راس وهامي :
ڀنڀور روپ سون ڀاڳ ڀڳاڙ !

— ساڻ واسواڻي

مهاوير ڪيبل انڊسٽريز

الهاسنگر - ۴۲۱۰۰۱

راڌا، پونم، هريش پوڄاڻي

فون : 73386

With Best Compliments of

FOR MODERN FLATS

CONTACT

K. RAHEJA Developers

Construction House 'B'
Opp. Telephone Exchange,
Linking Road, Khar,
BOMBAY-400 052

Phone : 6400582 - 6403773 - 6403788
Fax : (91 - 22) 6423311

With Best Compliments From

KISHORE SHOES

It's the style that matters

24, GAJANAND MARKET,
SINDHUNAGAR-421 002.

Tel. : 54 20 52

Wihh best compliments from :

PUSHPAM
REFRIGARATION

REPAIR OF :

Refrigarator, Aircondition, Deep Freezer,
Bottle Cooler, Chilling Plant & Spare Parts

6, Hera Panna Apartment, Opp. Nirankari Hall,
Gol Maidan, ULHASNAGAR-421 001
Phone : 54 99 45

VILAIT MULTANI

ويٽا پبليڪيشن جو ڇپايل ٻال - ساهت

(1) جهرڪيءَ لاڏو نڪو - جگديش لڇاڻي
[اُنن سنڌي لوڪ ڪٿائن ۽ ٻوڪي ڪٿائن جو مجموعو]

(2) روپ نگر جي راجڪماري - جگديش لڇاڻي
[سنڌي لوڪ-ڪهاڻيءَ تي آڌاريل ٻال-اُپنياس]

(3) گلن ڦلن جي راڻي - جگديش لڇاڻي
[سنڌي لوڪ ڪهاڻيءَ تي آڌاريل ٻال-اُپنياس]

(4) ڪمي آدي ڪنوار - جگديش لڇاڻي
[سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو]

(5) ٻال ڪهاڻيون - جگديش لڇاڻي
[ڇهن ٻال-ڪهاڻين جو مجموعو]

(6) سنڌي لوڪ ڪهاڻيون - جگديش لڇاڻي
[ڇهن سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو]

(7) جهرمو - موهن بيدي
[NCERT طرفان انعام حاصل ڪيل ٻال-ڪوتائون]

(8) رنگبرنگي آکاڻيون - جيوت "جوت"
[ٻال ڪهاڻين جو مجموعو]

(9) هڪڙو هو ڏاهري - جگديش لڇاڻي
[سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو]

(10) نئين ناني - هوندراج بلواڻي
[ٻال-ڪهاڻين جو مجموعو]

(11) لعل هيري جي تلاش - جگديش لڇاڻي
[اُٽيچيل وگيانڪ ٻال-اُپنياس]

(12) چنڊ تي چڙهائي - گوورڌن "ڀارتي"

ويٽا پبليڪيشن

701، راجو اپارٽمينٽ، الهاسنگر-421 001.

☎ 70103